1. مفتي محمد صاحبداد
2. حافظ عبدالغني شيخ

# لفظ تخريج جو تحقيقي اڀياس

## An-analytical Study of Word Takhreej

***Abstract:***

*Word "Takhreej" is Graduation/ Derivation/ upbringing & its analytical study. In this research articles the analytical evaluation in the light of Ahadith and the saying of lexicographers is discussed fully.*

*The method of the graduation/Derivation/upbringing of the Ahadith saying of Our Holy Prophet Hazrat Muhammad Mustafa (S. A. W. W)is fully discussed and at the end of this research article it is proved that the correct explanation of Marfooa (مرفوع),Mouqoof (موقوف) and Maqtoooa (مقطوع)Ahadith is according to the graduation made by the Muhaditheen (محدثين)&lexicographers.*

### تخريج لفظ جي اصطلاحي تحقيق:

تخريج جو لفظ اخراج مان ورتل آهي، جنهن جي معنیٰ آهي (نڪرڻ). جيئن ٻن مسئلن مان هڪ کي ختم ڪري ڇڏڻ. امام بغوي اخرج ضحهاجي تفسير ۾ لکيو آهي تہ "اي ابرزوا او اظهرنهارها" يعني ان پنهنجي ڏينهن کي ظاهر ڪيو (1)

علامه ابن منظور لکيو آهي "خارج کل شيءِ" هر شيءِ جو نمايان ٿيڻ "وخرجت خوارج فلان، اي ظهرت نجابته" يعني ان جي شرافت ظاهر ٿي وئي.

اخراج:

"اسم لعبة لهم معروفة وهو ان يمسک احدهم شيئا بيده و يقول سائرهم اخرجوا ما في يدي" يعني اهو هڪ مشهور راند جو نالو آهي ۽ اهو اهڙي طرح سان آهي تہ هڪ شخص ڪنهن شيءِ کي پنهنجي هٿ ۾ پڪڙي ٻين کي چوي ٿو تہ ان کي منهنجي هٿ مان ڪڍو. (2)

اخرج الحديث : "اي نقله بالاسانيد الصحيحة" احاديث کي مستند اسناد سان نقل ڪرڻ (3)

### تخريج جو اصطلاحي مفهوم

1. حديث جو حوالو ڏيڻ لاءِ سڀ کان پهريان اهو ڏنو ويندو آهي تہ اها حديث اسان کي ڪٿان ملندي.
2. حديث جي صحيح (نشاندهي) جانچ پڙتال کي تخريج چوندا آهن.
3. ڪنهن شيءِ کي پوري ذميداري سان لکڻ ۽ ان جو حوالو ڏيڻ کي تخريج چوندا آهن.

4. اصل مصادر مان حديث جي مقام جي دلالت جنهن سان ان کي اصل سند سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ضرورت مطابق ان جو مرتبو بيان ڪرڻ کي تخريج چوندا آهن. (4)
5. اخراج جو مطلب آهي حديث کي سند سان گڏ رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جن تائين روايتن جو بيان ڪرڻ جيڪڏهن حديث مرفوع آهي ۽ صحابي تائين بيان ڪيل آهي ته اها حديث موقوف چورائيندي آهي ۽ جيڪڏهن تابعي تائين بيان ڪيل آهي ته اها حديث مقطوع چورائيندي آهي.
6. امام عبد الرؤف المناوي امام سيوطي جي هن عبارت جي شرح ۾ لکيو آهي ته "اجتهدت في تهذيب عزوالاحاديث الیٰ مخرجيها من ائمة الحديث من الجوامع، والسنن، والمسانيد فلا اعزوا الیٰ شيء منها الا بعد التفتيش عن حاله و حال مخرجه ولا اكتفیٰ بعزوه من ليس من اهله و ان جل كعظماء المفسرين". (5)

يعني مون حديثن کي ان جي اصل مصادر جي طرف منسوب ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي.

ائمة حديث ۾ جنهن امام هن حديث کي پنهنجي الجامع السنن، يا المسند ۾ روايت ڪيو آهي.

مون تحقيق کان سواءِ ڪنهن به حديث کي ان جي بيان ڪندڙ جي طرف منسوب نه ڪيو آهي ۽ نه ڪندس ۽ حديث کي ان طرف به منسوب نه ڪندس جيڪو ان جو اهل ئي نه هجي پوءِ ڀلي اهو عظيم مفسر چو نه هجي.

## تخريج حديث جي اهميت:

هر ديني گفتگو ۽ تحرير ۾ حديثن جو ذڪر ايندو آهي جنهن جي اعتبار سان فن حديث ان لاءِ به ضروري آهي ته ان سان خبر پوي ته حديث جو اصلي مفهوم ڇا آهي؟

ڪو به شخص يا طالبعلم ان وقت تائين ڪنهن به حديث مان فائدو حاصل نه ٿو ڪري سگهي، جيستائين ان کي اها خبر نه پوي ته مصنف ڪهڙي ڪتاب مان هن حديث کي بيان ڪيو آهي.

تخريج حديث سان ئي اهو معلوم ٿي سگهندو ته هن حديث جا اصل مصادر ڪهڙا آهن ۽ ان کي بيان ڪندڙ ائمه جي خبر پوندي. چو ته هر ديني ۽ علمي گفتگو ۾ حديث جو ذڪر ايندو آهي جنهن جو اعتبار حديث جي ماخذ ۽ مراتب علم تي موقوف آهي.

1. تخريج حديث سان اها ڳالهه معلوم ٿيندي ته هن حديث کي ڪهڙن ڪهڙن امامن پنهنجي ڪتابن ۾ ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪهڙن جاين تي شامل ڪيو آهي ۽ اهڙي ريت جيڪڏهن هڪ حديث هڪ ئي ڪتاب ۾ مختلف جاين تي ذڪر ڪيل آهي جيئن صحيح بخاري ۾ هڪ حديث پنجن جاين تي ذڪر ڪيل آهي ته ان حديث جي پنج سندن جو علم حاصل ٿيندو ۽ اهڙي ريت جيڪڏهن هڪ حديث جو ڏهن مختلف جاين تي ذڪر ڪيل آهي ته ان جي مختلف سندن جو علم حاصل ٿو ٿئي ۽ ان جي مختلف حصن تي غور ڪيو ويندو. (6)
2. سند ۾ مهمل راوين جي خبر پوي ٿي چو ته هڪ سند ۾ ڪو راوي مهمل (ڇڏيل) هوندو آهي، ڪنهن ٻئي سند ۾ ان مهمل راوي جي خبر پوندي آهي. جيئن عن

احمد يا عن محمد هڪ سند ۾ جڏهن ته ٻي سند ۾ ان جي پيءُ يا قبيلي جو ذڪر هجي ته راوي جي خبر پئجي ويندي آهي.

3. ڪثرت طرق حديث مان جيڪڏهن هڪ حديث هڪ سند سان ته ضعيف آهي پر ٻئي سند سان صحيح آهي يا هڪ سند سان منقطع آهي ته پوءِ ممڪن آهي ته جيڪو راوي (عنعنه) سان مدلس آهي ان جو شڪ ختم ٿي وڃي.

هڪ سند ۾ اهو مدلس راوي (عن) سان روايت ڪري ٿو پر ٻي سند ۾ سمعت يا حدثنا سان روايت ڪري ٿو ته اهو راوي انهن لفظن سان پنهنجي استاد سان متصل بيان ڪري ٿو هاڻ ان سند سان ان جو انقطاع ختم ٿي ويو ۽ مدلس جو (عن) سان روايت ڪرڻ ظاهر ٿو ٿئي. در حقيقت ان جي سند متصل آهي (عن) سان روايت ڪرڻ جو ڪو به نقصان نه آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سند ۾ راوي جي ڪنيت، لقب يا نسبت جي باري ۾ ٻڌايو ويندو آهي ۽ اڪثر راوين جا لقب ۽ ڪنيتون هڪجهڙيون هونديون آهن تخريج حديث سان مختلف سندن ۾ انهن جي نالن جي خبر پئجي ويندي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اهڙي روايت به هوندي آهي جنهن جي حڪم جي اسان کي خبر پوندي آهي ۽ اڪثر روايتون پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ان روايت جي صحيح حڪم جو علم حاصل ٿيندو آهي ان جي معنىٰ واضح ٿي ويندي آهي.(7)

حديث جي تحقيق ۽ تثبيت جي متعلق صحابن سڳورن جا ڪافي سارا قول آهن اهڙي طرح تابعين کان به جڏهن اهي حديث کي ڏسندا هئا ته ان جي سند کي پوري طرح معلوم ڪندا هئا ۽ اهل سنت کان حديث وٺندا هئا بدعتي انسان کان حديث نه وٺندا هئا. تابعين ۽ تبع تابعين جي زماني ۾ احاديث جي جمع ۽ تدوين جو فن شروع ٿيو ته ڪن محدثن ان تي ڪتاب لکيا جيئن امام مالڪ ۽ ان کان بعد ۾ ايندڙ علماء امام شافعي وغيره. اهڙي طرح ان زماني جي ڪجھ ڪتابن ۾ مراسيل، معلقات، معضل روايتون به آيون آهن ايتري قدر جو امام بخاري پنهنجي صحيح ۾ ترجمة الابواب ۾ بعض معلق روايتن کي به ذڪر ڪيو آهي. جنهن کي ان ڪن مقامن تي متصل بيان ڪيو آهي ۽ بعض جي باري ۾ صحيح بخاري جي شرحن ۾ متصل هجڻ جو ذڪر ڪيو آهي.(10)

ڇهين صدي ۾ ڪتاب احاديث الشهاب لکي وئي جنهن کي لکڻ وارو ابو الفضل محمد بن طاهر مقدسي هو.

ابو الفضل قضاعي جي حديثن کي مسند لکيو آهي (ڪتاب الفردوس) کي لکڻ وارو حافظ ابو منصور الديلمي هو. ان ڪتاب ۾ هن (ڪتاب احاديث مسند الفردوس) جي تخريج ڪئي آهي. اها ڪتاب ان جي والد جي لکيل آهي ڪتاب الفردوس کي معجم جو حرفن جي اعتبار سان مرتب ڪيو ويو آهي. ان ڪتاب ۾ ڏهه هزار حديثون آهن جنهن ۾ اڪثر منڪر ۽ موضوع آهن. (11)

"ڪتاب التمهيد لما في المؤطا من المعاني والاسانيد" حافظ ابو عمر بن عبد البر 433ھ ۾ لکي هن ڪتاب ۾ مؤطا جي مڪمل حديثن کي سند سان بيان ڪيو آهي

۽ ڪجھ روايتن کي موصول ۽ مرسل ۾ بہ بيان ڪيو آهي ۽ ان تي گفتگو بہ ڪئي آهي هن چار روايتن کان سواء تمام مراسيل کي متصل بيان ڪيو آهي.
457ھ ۾ امام ابوبڪر احمد بن حسين البيهقي معرفة السنن والآثار نالي ڪتاب لکي هن ڪتاب ۾ اهي روايتون بيان ڪيون آهن جنهن مان امام شافعي رحمة الله عليه دليل ورتا آهن 485 ھ ۾ امام قضاعي مسند الشهاب نالي ڪتاب لکي جيڪا حقيقت ۾ تخريج احاديث جي ڪتاب آهي. پوءِ چوٿين ۽ پنجين هجري ۾ بہ هن فن جو باقاعده ڪم ڪيو ويو. (12)

## راوي جي سڃاڻ ۽ تخريج حديث:

هن طريقي سان اسان راوي جي نالي معلوم ڪرڻ سان حديث کي معلوم ڪري سگھون ٿا پر ان ۾ صحابي جو نالو ذڪر ڪيل هجي ۽ جيڪڏهن صحابي جو نالو ذڪر ڪيل نہ آهي تہ هيٺين ڪتابن مان معلومات ٿي سگهي ٿي.

## المسانيد:

1 مسند ابي داؤد سلمان بن داؤد الطائي 454ھ
2 مسند اسد موسىٰ الاموي 414ھ
3 مسند الحميدي 419ھ
4 مسند احمد بن حنبل 441ھ
5 مسند ابي اليعلىٰ الموصلي 357 ھ

اهي مسانيد صحابه جي نالن سان ترتيب ڏنل آهن انهن جا نالا حروف تهجي جي اعتبار سان ترتيب ڏنل آهن.

بعض دفعه اسلام ۾ مرتبي جي اعتبار ساب مرتب آهن ۽ بعض دفعه قبائل ۽ شهرن جي اعتبار سان ترتيب ڏنل آهن جيئن مسند ابي داؤد طيالسي جي ترتيب هن ريت آهي تہ سڀ کان پهريان عشرة مبشره.

عشرة مبشرة مان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه سڀ کان اول ۽ ان جي پهرين حديث حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه کان روايت ڪيل آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآله وسلم جن فرمايو تہ ڪو شخص جڏهن ڪو گناھ جو فعل ڪري پوءِ وضو ڪري بہ رڪعت نماز پڙهي الله پاڪ کان معافي طلب ڪري تہ الله تعالىٰ ان کي معافي عطا فرمائيندو. (13)

ان کان بعد ۾ باقي صحابن سڳورن جون ٻيون حديثون لکيون ويون آهن.

امام احمد بن حنبل جي مسند جي ابتدا ۾ بہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه جي حديث آهي ان کان بعد باقي ٽي خلفاء ۽ عشرة مبشرة جون حديثون بيان ٿيل آهن ان ۾ باقي اصحابن جون حديثون بيان ڪيل آهن.

## المعاجم:

معجم ۾ حديث جي ترتيب مسانيد صحابه، بلدان، شيوخ جي اعتبار سان هوندا آهن. معجم حروف عام جي اعتبار سان ڪئي ويندي آهي معجم جون مشهور ڪتابون هي آهن.

**الف-** المعجم الڪبير _ ابو القاسم سلمان طبراني _360ھ.

اها حروف معجمه جي اعتبار سان مرتب آهي.
ب_ المعجم الاوسط _ ابوالقاسم سلمان بن طبراني
ج_ المعجم الصغير _ ابو القاسم سلمان بن طبراني
د_ المعجم الصحابه _ ابو علي احمد بن علي الموصلي 357هه.
هه_ المعجم صحابه _ احمد بن علي الهمداني 397 هه

مثال طور المعجم الصغير ۾ طبراني هڪ هزار هڪ سو ايڪهٺ حديثن کي جمع ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ علامه طبراني اساتذه کي ترتيب سان ذڪر ڪيو آهي اهو لکي ٿو ته "هذا اول كتاب فوائد مشائخي الذين كتب عنهم بالامصار و خرجت عن كل واحد منهم حديثا واحدا و جعلت اسمائهم". (14)

## موضوع حديث ۽ ان جي تخريج جو طريقو:

اهو طريقو اهي ماڻهو اختيار ڪندا آهن جيڪي موضوع حديث جو شوق رکندا آهن ۽ اهي علم حديث جو ذوق رکندا آهن. اهڙي طريقي سان ذوق ۽ شوق رکندڙ استاد يا طالب علم کي حديث جا ڪيترائي موضوع يعني هن طريقي سان ڳوليندڙ کي حديث ڪيترن ئي موضوعن تي ملي ويندي آهي. علم حديث جو شوق رکندڙ ماڻهو ان جي موضوع کي بهترين نموني سان سمجهي موضوع جو تعين ڪندو آهي، ان جي لاءِ هنن ڪتابن جي ضرورت پوندي آهي:

1. المستدركات علي الجوامع
2. المستخرجات علي الجوامع
3. الجوامع
4. الزوائد
5. مفتاح كنوز السنه
6. المجاميع

## المستدركات علي الجوامع:

المستدرڪات مستدرڪ جي جمع آهي مستدرڪ ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ مؤلف استدراڪ ڪيو هجي ۽ ڪا روايت رهجي وئي هجي پر ان جا شرط مڪمل هجن جيئن مستدرڪ علي الصحيحين. (15)

## المستخرجات علي الجوامع:

مستخرجات مستخرج جو جمع آهي مستخرج حديث جي ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ مصنف لکڻ واري ڪنهن ٻه ڪتاب جو اخراج ڪري ڪتاب کي ذاتي سند سان بيان ڪري ۽ مستخرج ڪرڻ وارو صاحب ڪتاب يا ان کان مٿي استاد سان ملي وڃي پوءِ پلي اهو صحابي جو سان نه ملي بس ان جو هڪ اصول آهي ته پري واري شيخ سان نه ملي ائين نه ٿئي جو پري واري سان ملڻ جي ڪري ويجهي تائين پهچڻ ۾ ئي سند مفقود (گم) ٿي وڃي. مستخرج انهن حديثن کي به شامل نه ڪندا آهن، جنهن جي سند ان کي ان جي پسند مطابق نه ملي هجي پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ان کي صاحب ڪتاب جي طريقي سان ذڪر ڪندو آهي. (16)

### الجوامع:

جامع جي جمع آهي جوامع، الجوامع حديث جي ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ هر قسم جي حديث موجود هجي جيئن. عقائد، احڪام، ڪائڻ پيئڻ، سفر، قيام، ادب، تاريخ، سيرت، فتن، مناقب وغيره الجوامع ۾ مشهور صحيح بخاري آهي. (17)

### الزوائد:

ان ۾ مؤلفين اهڙي تصنيفات کي شامل ڪندا آهن يعني اهڙين تصنيفن کي شامل ڪندا آهن جيڪي ٻين ڪتابن ۾ نه هونديون آهن.

### مفتاح ڪنوز السنه:

هن ڪتاب جي مؤلف جو نالو مستشرق ڊاڪٽر ارند جان آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ارند موضوعاتي فهرست کي سامهون رکي انگريزي ۾ لکيو پوءِ استاد محمد فواد عبد الباقي ان جي تصحيح ڪري عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو هن ڪتاب ۾ چوڏهن ڪتابن جي حديثن جي فهرست تيار ڪئي وئي آهي هن ڪتاب کي لکڻ ۾ ڏهه سال لڳا ۽ هن جي ترجمي ۾ چئن سالن جو عرصو لڳو. (18)

### المؤطات:

مؤطا لفظ جي جمع مؤطات آهي مؤطا جي ڪتابن مان آهي هڪ ڪري جڳهه محدثن هن ڪتاب ۾ فقهي ابواب جي ترتيب بندي ڪئي آهي. هن ۾ مرفوع، موقوف، مقطوع هر قسم جي حديثن جو ذڪر هوندو آهي ان جو لکڻ وارو مصنف حديثن کي ماڻهن لاءِ آسان لفظن ۾ ذڪر ڪندو آهي تنهن ڪري هن کي مؤطا چئبو آهي مؤطات ۾ مشهور مؤطا جنهن کي امام مالڪ لکيو آهي ۽ مؤطا امام محمد جنهن کي امام محمد حنفي لکيو آهي. (19)

### المجاميع:

مجاميع مجمع جو جمع آهي ۽ مجمع ان ڪتاب کي چوندا آهن جنهن ۾ (مصنف) گهڻن حديثن کي جمع ڪيو هجي ۽ هن ڪتاب جي باقاعدگي اها هوندي آهي جيڪا انهن ڪتابن جي هوندي آهي جنهن جي حديثن کي جمع ڪيو ويندو آهي.

### السنن:

هن ۾ فقهي ترتيب سان ابواب تيار ڪيا ويندا آهن. هن فن ۾ مرفوع، مقطوع هر قسم جي روايتن کي ذڪر ڪيو ويندو آهي سنن ۾ مشهور ڪتاب هي آهن. سنن ابي داؤد، سنن ترمذي، سنن ابن ماجه، سنن نسائي.

### المصنفات:

مصنفات ۾ اهڙن ڪتابن کي ترتيب ڏنو ويندو آهي جيڪي فقهي ابواب بندي تي مشتمل هجن.

هن ۾ موقوف، مقطوع، حديثن جو ذڪر هوندو آهي جيئن احاديث نبويه، اقوال الصحابه، تابعين جا فتوئا ۽ ڪڏهن ڪڏهن تبع تابعين جا فتوئا به ذڪر ڪيا ويندا آهن. (20)

## نالي وارن محدثن جا تخريج حديث جا شاهڪار نمونا:

معروف محدث احمد صقر"دلائل النبوة" امام بيهقي کي ايڊٽ ڪري ان جي مقدمه تحقيق جي آخر ۾ لکيو آهي. اما بعد فاني ارجوا ان اکون قد وقفت في تحقيق هذا الکتاب و تخريج نصوصه علیٰ نرجوا يرضیٰ کرام العلماء و اسال الله سبحانه ان يتقبل عملي فيه و ان يذيقني و مؤلفه من رحمت هو مثوبته يوم تجد کل نفس ما علمت من خير محضر انه اکر مسؤال و اجود ماحول و صلي الله علیٰ محمد و علیٰ آله و اصحابه اجمعين.

## علم تخريج حديث متعلق ڪتاب:

علم تخريج حديث ٻين علمن وانگر گهڻو پراڻو نہ آهي هن جو رواج بعد ۾ پيو خاص طور تي جڏهن هن علم کي پڙهائڻ جي ضرورت پيش آئي ۽ استادن پنهنجن شاگردن کي اهو علم سيکاريو.

استادن طالبن ۽ عام ماڻهو جي فائدي لاءِ تمام گهڻا ڪتاب لکيا جن مان ڪجھ ڪتابن جو ذکر هيٺ ڪيل آهي.

حصول التخريج باصول التخريج لابي الفيض بن الصديق الغماري ١٣٧٥ھ الرياض بمکتبة الطبرية. (21)

تحفة الدرر شرح نخبة الفکر في مصطلح اهل الاثر للحافظ ابن حجر عسقلاني

الصحيفة من کلام ائمة الجرح والتعديل علي ابي حنيفة.

## حوالا


1. فيروزي، القاموس المحيط، ص 191-192
2. احمد بن فارس، المعجم، مقابين اللغة (تحت مادة تحقيق عبد السلام دار الاحياء التراث الکتب الويبة القاهرة، 1366ھ ص: 175، ج 2.
3. ابن منظور، لسان العرب دار صادر بيروت 2 249-254
4. ابراهيم مصطفیٰ احمد حسن زيات، تاريخ ادب عربي، المعجم الوسيط المکتبه الاسلامية استنبول ترکيا 224، 1401ھ 1981م
5. ڈاکٽر محمود الطحان، اصول تخريج ودراسات الاسانيد، دار القرآن الکريم البيروت، ص: 12-13
6. احمد بن محمد الغماري، حصول التخريج باصول التخريج، المکتبه طبرية الرياض 13، 1414ھ 1994م
7. احمد بن محمد الغماري، حصول التخريج باصول التخريج، المکتبه طبرية الرياض 13، 1414ھ 1994م
8. ابن الصلاح، علم الحديث المعروف مقدمه 228
9. السخاوي محمد بن عبد الرحمن، فتح المغيث شرح الفيه، الحديث 337/2
10. عبد الرؤف المناوي فيض القدير شرح جامع الصغير، ج: 1 ص 20

11. ابو محمد عبد المهدي بن عبد القادر، عبد الهادي تخريج حديث دار الاعتصام قاهرو 11-14
12. تخريج احاديث تفسير بيضاوي، نصب الراية تخريج احاديث هداية
13. الحاكم عرفة علوم الحديث دار الافاق الجديده بيروت 1400ھ 1980م
14. الذهبي، تذكره الحفاظ 1-2، دائرة المعارف عثمانية حيدرآباد 1956م
15. محمد بن اسماعيل، البخاري، ص 1190 حديث 6905 -6906
16. امام مسلم القشيري، المجامع المسلم 43/1
17. حصول التفريج باصول التخريج، ابو الفيض احمد غفاري، مكتبه طبرية
18. امام بيهقي، دلائل النبوة 33/1
19. امام بيهقي، دلائل النبوة 33/1
20. ناصر الدين الباني، سلسلة الاحاديث الصحيحة 67/1 بيروت
21. مصابيح السنة، امام بغوي 259، دار المعرفة، بيروت 1987